# ٻن نورن وارو صحابي

14-July-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

14 جولائي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ٻن نورن وارو صحابي

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

✿... پُراَسرار مَعذور

✿... تنهنجي نسل پاڪ ۾ هر ٻار نور وارو آهي

✿... حبيبِ خُدا جو هٿ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي هٿ تي

✿... حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ سُنّتِ مصطفيٰ سان محبت!

✿... رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان اڳيان وڌڻ منع آهي

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِيۡنَةُ العِلمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

**(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله     وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **فرمايو: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۾ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو (شخص) اهو هوندو، جنهن مون تي دنيا ۾ ڪثرت درود پڙهيا هوندا.**[1]

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی | کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ)
روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ)
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا | میں یہ کہوں گا نامِ مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْبِ!     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] …جمع الجوامع، جلد:9،صفحہ:129،حديث :27684 ۔

[2] …جمع الجوامع، جلد:9،صفحہ:129،حديث :27684 ۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفۡضَلُ الۡعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** هر جائز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ عِلۡم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيم!

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پُراَسرار مَعذور

حضرت ابُو قِلابَہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہ بيان ڪن ٿا: مان هڪ ڀيري ملڪ شام ۾ هئس، هڪ ڏينهن مون پراسرار آواز ٻڌو، ڪو پُڪاري رهيو هو: **هاءِ افسوس! منهنجي لاءِ جهنّم آهي، هاءِ افسوس! منهنجي لاءِ جهنّم آهي**، مون کي تعجب ٿيو ته آخر هي ڪير آهي؟ جو ايتري يقين سان چئي رهيو آهي ته **منهنجي لاءِ جهنّم آهي.** فرمائن ٿا: جنهن طرف کان آواز آيو پئي، مان اتي ان پاسي ويس، اتي مون هڪ حيران ڪندڙ منظر ڏٺو: هڪ شخص آهي، جنهن جا ٻئي هٿ به ڪٽيل آهن، ٻئي پير به ڪٽيل آهن، ٻنهي اکين کان اَنڌو آهي ۽ منهن ڀر زمين تي اُونڌو پيل آهي ۽ هر هر ائين چئي رهيو آهي: "هاءِ افسوس! منهنجي لاءِ جهنم آهي." **هاءِ افسوس! منهنجي لاءِ جهنّم آهي.**

---

[1]...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

مون ان کان پڇيا ڪئي: اي شخص! تون ائين ڇو ۽ ڇا جي ڪري چئي رهيو آهين؟ اُن پُراسرار شخص چيو: اي پڇڻ وارا! منهنجو حال نه پُڇ، افسوس! مان انهن بدنصيبن مان آهيان جيڪي مسلمانن جي ٽئين خليفه حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي شهيد ڪرڻ لاءِ سندن گهر ۾ داخل ٿيا هئا، مان جڏهن تلوار کڻي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي ويجهو پهتس ته سندن گهرواريءَ مون کي دڙڪا ڏيڻ لڳي ته مون ڪاوڙ ۾ بيبي صاحبه کي ٿڦُ هنئي! جڏهن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هي منظر ڏٺو ته ڪين منهنجي خلاف چار هي دعائون گهريون: (1): **اللّٰه** پاڪ تنهنجا ٻئي هٿ ۽(2): ٻئي پير ڪٽي (3): تو کي اَنڌو ڪري ۽ (4): تو کي جهنم ۾ داخل ڪري.

***اميرُ المُؤمِنِين*** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي جلالي چهري کي ڏسي ۽ سندن غضب ناڪ دعا ٻُڌي منهنجي بدن جو لونءَ لونءَ ڪاندارجي وئي ۽ مان خوف وچان ڏڪندي اتان ڀڄي نڪتس. افسوس! ***اَميرُالمُؤمِنِين*** حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي چئن دعائن مان ٽن دعائن جي پڪڙ ۾ اچي چڪو آهيان، توهان ڏسي رهيا آهيو ته منهنجا ٻئي هٿ ۽ ٻئي پير ڪٽجي چڪا ۽ اکيون به انڌيون ٿي چڪيون آهن، افسوس! صَد ڪروڙ افسوس!! هاڻي صرف چوٿين دعا باقي آهي (يعني منهنجو جهنم ۾ داخل ٿيڻ باقي رهجي ويو آهي).[1]

دو جہاں میں دشمنِ عثماں، ذلیل و خوار ہے ‏ بعد مرنے کے عذابِ نار کا حقدار ہے[2]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! ‏ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]…الرياض النضرة، الجزء الثالث فی مناقب عثمان بن عفان، صفحه:37۔

[2]… کراماتِ عثمان غنی، صفحه:3۔

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

اي عاشقانِ رسول! مسلمانن جا ٽيان خليفه حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ تمام وڏي رتبي وارا آهن، ۞ پاڻ عشرۂ مبشره (يعني انهن 10 صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مان آهن جن کي رسول اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ئي ۾ خصوصيت سان جنّت جي بشارت ڏني،) ڏني هئائون ۞ سندن مبارڪ نالو عثمان ۞ ڪنيت ابوعمر ۽ ابو عبداللّٰه آهي ۞ عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي هڪ فضيلت هي به حاصل آهي ته پاڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پڦيءَ سائڻ حضرت اُمِّ حڪيم رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جا ڏوهٽا آهن ( يعني پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پڦيءَ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ناني هئي) ۞حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي 18 ذُوالحِجَّةِ الحرام 35ھ تي نهايت مظلوميت سان شهيد ڪيو ويو.[1]

امام الاسخیا کردو عطا حصّہ سخاوت کا  قناعت ہو عنایت، دیں نہ دولت کی فراوانی
مجھے اپنی سخاوت کے سمندر سے کوئی قطرہ  عطا کردو نہیں درکار مجھ کو تاجِ سلطانی (2)

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون ڪجھ خصوصيتون

هونئن ته حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون ڪيئي فضيلتون آهن، البت اڄ اسان سندن ڪجھ خصوصيتون ٻڌڻ جي سَعادت حاصل ڪنداسين:

## پهرين خصوصيت: عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ ذُوالنُّورَين آهن

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي پهرين ۽ مشهور ۽ معروف خصوصيت هي آهي ته کين ذُوالنُّورَين (يعني ٻن نورن وارو) چيو وڃي ٿو، صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان

1 ...الرياض النضرة، جزء الثالث ، ذكر فى نسبہ، صفحہ:37 ملتقطاً، كرامات عثمان غنى، صفحہ:3 ملتقطاً۔
2 ...وسائل بخشش، صفحہ:584۔

جي صف مان صرف پاڻ کي ذُوالنُّورَين جو لقب عطا ڪيو ويو.

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي بارگاهه ۾ ڪنهن عَرض ڪيو: حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ ڪجهه ارشاد فرمايو؟ حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو: عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اها هستي آهي، جن کي ملائڪن ۾ به ذُوالنُّورَين چئي سڏيو ويندو آهي.(1)

## ذُوالنُّورَين لقب جو پهريون سبب

اي عاشقانِ رسول! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي ذُوالنُّورَين چو چيو وڃي ٿو؟ هن جا ڪجهه سبب آهن ؛ (1): هڪ ته وڏو مشهور سبب هي آهي ته حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي نڪاح ۾ پياري آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون 2 نياڻيون هڪ کان بعد ٻئي نڪاح ۾ آئي، ان ڪري کين ذُوالنُّورَين چيو وڃي ٿو .(2)

نبی کے نُور دولے کر وہ ذُوالنُّورَین کہلائے　　　انہیں حاصِل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رحمانی(3)

## تنهنجي نسل پاڪ ۾ هر ٻار نوروارو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو ته پياري آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ به نُور آهن ۽ الله پاڪ جي فضل سان سندن نسل پاڪ ۾ هر ٻار به نُور آهي، ڏسو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي ذُوالنُّورَين يعني ٻن نورن وارو چيو وڃي ٿو، چوته سندن نڪاح ۾ سرورِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون 2 شهزاديون آيون، يعني حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون اهي 2

---

1...الرياض النضرة، الجزء الثالث ، فی اسمہ وکنیہ، صفحہ:6۔

2...الرياض النضرة، الجزء الثالث ، فی اسمہ وکنیہ ، صفحہ:6۔

3...وسائل بخشش، صفحہ:584۔

شهزاديون نور آهن ۽ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي نڪاح ۾ آيون، ان ڪري پاڻ 2 نورن وارا ٿي ويا، معلوم ٿيو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪي نور مڃڻ تہ وڏي ڳالھ آهي، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شهزادين کي نور مڃڻ نہ صِرف صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو عقيدو آهي بلڪ ملائڪ بہ حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ذُوالنُّورَين ئي چئي پڪاريندا هئا، جڻ تہ ملائڪن جو بہ هي عقيدو آهي تہ سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ تہ نور آهن ئي آهن، پر سندن اولاد بہ نور آهي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري خوبصورت ڳالھ چئي آهي:

تیری نسل پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا | تو ہے عین نور تیرا سب گھرانا نور کا

نور کی سرکار سے پایا دوشالہ نور کا | ہو مبارک تم کو ذُو النُّورَیْن جوڑا نور کا[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ذُوالنُّورَين چو چيو وڃي ٿو، هن جو هڪ سبب تہ هي آهي جو سندن نڪاح ۾ سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون بہ شهزاديون آيون، هن سان گڏوگڏ عالم سڳورن هن جا ڪجھ ٻيا سبب بہ لکيا آهن:

## ذُوالنُّورَين لقب جو ٻيو سبب

(2): عالم سڳورا فرمائن ٿا: حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو هي شان آهي جو قيامت جي ڏينهن جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جنّت ۾ داخل ٿيندا تہ

---

1...حدائق بخشش، صفحہ:246۔

سندن استقبال ۾ جنّت ۾ 2 نور جڳمڳائيندا. انهي ڪري ٻه ڪين ذُوالنُّورَين چيو وجي ٿو .[1]

## ذُوالنُّورَين لقب جون ٻيون سبب

(3): امام ابو حُسَين قزوِيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي هي عادت سڳوري هئي جو پاڻ وِتر جي نماز ۾ سڄو قرآن ڪريم پڙهندا هئا. جيئن ته قرآن به نور آهي ۽ رات جو قيام (يعني رات جو نماز پڙهڻ) به نور آهي، حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه انهن 2 نورن کي جمع ڪندا هئا، ان ڪري ڪين ذُوالنُّورَين چيو وجي ٿو.[2]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هن هنڌ اسان جي لاءِ به سکڻ جو مدني گل آهي، مسلمانن جا ٽئين خليفه حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه روزانو رات جو نمازِ وِتر ۾ پورو قرآن ڪريم تلاوت ڪندا هئا، هاڻي اسان کي غور ڪرڻو آهي ته ۞ اسان قرآنِ ڪريم جي ڪيتري تلاوت ڪريون ٿا؟ ۞ اسان جو قرآنِ ڪريم سان ڪيترو لڳاءُ آهي؟ ۞ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه زباني قرآن پڙهندا هئا، اسان گهٽ مان گهٽ ڏسي ئي پڙهي وٺون ۞ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه پورو قرآنِ پاڪ بيهي پڙهندا هئا، اسان گهٽ مان گهٽ ويهي ئي پڙهي وٺون ۞ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه روزانو پوري قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا، اسان گهٽ مان گهٽ هڪ سيپارو ته روزانو پڙهون. الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: قرآنِ ڪريم پڙهو! بيشڪ جيڪا دِل قرآنِ ڪريم جو جُزدان هجي، الله پاڪ ان دِل کي عذاب ناهي ڏيندو.[3]

---

[1]...الرياض النضرة، الجزء الثالث ، فی اسمہ وکنیہ، صفحہ:6۔

[2]...الرياض النضرة، الجزء الثالث ، فی اسمہ وکنیہ، صفحہ:6۔

[3]...جامع صغير، صفحہ:83، حديث:1340۔

فلموں سے ڈراموں سے دے نفرت تُو الٰہی بس شوق مجھے نعت وتلاوت کا خُدا دے[1]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻي خصوصيت: نڪاح ۾ حضور پاڪ جون ٻہ صاحبزاديون آيون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خصوصيتن مان ٻي خصوصيت اها آهي جو سندن نڪاح ۾ هڪ کان پوءِ ٻي (يعني هڪ ٻئي پٺيان) پياري آقا مڪي، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون 2 شهزاديون آيون.

حضرت آدم عَلَیہ السَّلَام کان وٺي پياري آقا، مڪي، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تائين اٽڪل 1 لک 24 هزار نبي سڳورا علیھمُ السَّلام دنيا ۾ آيا، ڪوڙ سارن نبي سڳورن کي الله پاڪ نياڻين سان بہ نوازيو هو، انهن پنهنجي شهزادين جا نڪاح بہ ڪيا، پر حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان عِلاوه انسانن جي تاريخ ۾ ڪو بہ اهڙو شخص ناهي جو جنهن جي نڪاح ۾ ڪنهن نبي عَلَیہ السَّلَام جون 2 نياڻيون آيون هجن.

## شهزادين جو نِڪاح وحي ذريعي ٿيو هو

اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ الله پاڪ مون ڏانهن وحي فرمائي تہ مان پنهنجي ٻنهي شهزادين جو نڪاح عثمان سان ڪيان.[2]

نبی کے نُور دو لے کر وہ ذُوالنُّورَین کہلائے انہیں حاصل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رحمانی[3]

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:114۔

[2]...الشريعة للآجرى، باب ذكر تزويج عثمان، جلد:4، صفحہ:1938، حديث:1406۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:584۔

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽئين خصوصيت: حيا فرمائڻ وارا

**حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **جي خصوصيتن مان ٽئين خصوصيت هي آهي تہ پاڻ** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **امت ۾ سڀ کان وڌا حيادار آهن. حضرت ابوهريره** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **روايت ڪن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **فرمايو: حياء ايمان مان آهي ۽ عثمان منهنجي امت مان سڀ کان وڌيڪ حياء ڪرڻ وارو آهي.** (جامع صغير، صفحہ:253، حديث:3869۔) **مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **جو فرمان آهي: بند ڪمري ۾ غسل ڪيان ٿو تہ اللّٰہ پاڪ کان حياء جي ڪري سمٽجي وڃان ٿو.** (با حيا نوجوان، صفحہ:9 ۔)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪي بہ پنهنجي حياء جو معيار چيڪ ڪرڻ گهرجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: حياء جيتري بہ هجي چڱي آهي.** (مسلم، ڪتاب الايمان، باب بيان عدد شعب الايمان، صفحہ:39، حديث:37۔) **افسوس اهو آهي تہ اسان وٽ هڪ تعداد آهي جيڪي اتي حياء ناهن ڪندا جتي حياء ڪرڻ گهرجي ۽ اُتي حياء ڪندا آهن جتي حياء نہ ڪرڻ گهرجي. جتي گناهہ ٿيندا آهن اُتي حياء ڪرٽي پوندي آهي، اهڙي طرح بي پردگي ۽ بدنگاهي ۾ حياء ڪرٽي هوندي آهي تہ منهنجو رب مونکي ڏسي رهيو آهي. منهنجو ڇا بڻبو!! حياء جو سڀ کان وڌيڪ حق اهو ئي آهي تہ اسان اللّٰہ پاڪ کان حياء ڪيون، پر اسان جو حال هي آهي تہ اسان گناهن جي ڪمن ۾ حياء ناهيون ڪندا. ان جي برخلاف بعض اوقات جتي نيڪي جو ڪم هوندو آهي اُتي معاذاللّٰہ اسان کي شرم ايندي آهي، ڏاڙهي رکٽي هجي تہ شرم ايندو آهي، عمامو چونہ ٻڌو؟ شرم اچي ٿو، زلف رکو! نہ شرم اچي ٿو، نيڪي جي دعوت ڏيو! نہ شرم اچي ٿو. حالانڪ شرم اُتي ڪرڻ گهرجي جتي گناهہ جو ڪم هجي، پر افسوس اسان کي اُتي شرم نٿو اچي.**

## پلائي چار شين ۾ آهي

مسلمانن جي ٽيان خليفہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: پلائي چار شين ۾ آهي: (1) نوافل پڙهي ڪري الله پاڪ کان محبت جو اظهار ڪرڻ ۾(2) الله پاڪ جي احڪامن تي صبر کان ڪم وٺڻ ۾ (3) الله پاڪ جي تقدير تي راضي رهڻ ۾(4) ۽ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي، انهي ڪري ان کان حياء ڪرڻ ۾.

## اسلام جو خلق حياء آهي

ابن ماجہ جي حديث پاڪ ۾ آهي: بيشڪ هر دين جو هڪ خُلق آهي ۽ اسلام جو خلق حياء آهي(ابن ماجہ، ڪتاب الزہد، باب الحياء، صفحہ:679، حديث:4181) يعني هر امت جي ڪا نہ ڪا خاص خصلت هوندي آهي جيڪا ٻين خصلتن تي غالب ٿيندي آهي ۽اسلام جي اها خصلت حياء آهي. انهي ڪري حياء هڪ اهڙو خُلق آهي جيڪو اخلاقي چڱائين جي تڪميل، ايمان جي مضبوطي جو باعث ۽ ان جي علامتن مان آهي.

## حياء جو ماحول سان تعلق

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حياء جي نشونماء ۾ ماحول ۽ تربيت جو تمام گهڻو عمل دخل هوندو آهي. حيادار ماحول ملڻ جي صورت ۾ حياء خوب نکرندو آهي جڏهن تہ بي حياء ماڻهن جي صحبت دل ۽ نگاهہ جي پاڪيزگي کسي بي شرم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ٻانهو بيشمار غير اخلاقي ۽ ناجائز ڪمن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي انهي ڪري حياء ئي تہ هئي جيڪا برائين ۽ گناهن کان روڪيندي هئي. جڏهن حياء ئي نہ رهي تہ هاڻي برائي ڪير روڪي؟ ڪيئي ماڻهو هوندا جيڪي بدنامي جي خوف سبب شرمائي برائيون ناهن ڪندا پر جن کي نيڪ نامي ۽ بدنامي جي پرواهہ ناهي هوندي اهڙا بي حياء ماڻهن هر گناهہ ڪري ويهندا،

اخلاقيات جون حدون اورانگهي بداخلاقي جي ميدان ۾ لهي پوندا آهن ۽ انسانيت کان بہ ڪريل ڪم ۾ بہ شرم محسوس ناهن ڪندا.

یا الٰہی! دے ہمیں بھی دولتِ شرم و حیا | حضرتِ عثماں غنی با حیا کے واسطے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چوٿين خصوصيت: دُعاءِ مصطفيٰ جا حريص

هڪ تمام پياري خصوصيت هي بہ آهي جو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان دُعائون گهرندا هئا، اچو! هن باري ۾ ڪجهہ روايتون ٻڌون ٿا:

## ڪنهن جي لاءِ اهڙي دُعا گهرندي ناهي ڏٺو

غزوهٔ تبوڪ جو موقعو هو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو لشڪر سَفَر تي هو، رستي ۾ هڪ هنڌ تي وڏي مشڪل پيش آئي، کائڻ پيئڻ جون شيون ختم ٿي ويون، شديد گرمي هئي، بک ۽ اُڃ جي سختي ٿي، هن حالت ۾ صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي چهرن تي اَفسُردگي جا آثار نظر اچڻ لڳا، جڏهن تہ منافق هن حالت کي ڏسي خوش ٿي رهيا هئا.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن هي صورتِ حال ڏٺي تہ غيب جي خبر ڏيندي فرمايائون: **الله جو قسم! سج لهڻ کان پهريان الله پاڪ توهان وٽ رزق موڪليندو.**

حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه بہ لشڪر ۾ موجود هئا، پاڻ جڏهن هي فرمانِ

مصطفيٰ ٻڌائون تہ يڪدم انتظام ڪرڻ شروع ڪيائين، پاڻ اناج سان ڀريل 7 اٺ خريدي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ڪيا، جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هي اُٺ ڏٺا تہ سندن چهرن تي خوشي ظاهر ٿي وئي، ٻئي پاسي منافقن جا چهرا غمگين ٿي ويا. سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ جڏهن اهي 7 اٺ پيش ڪيا ويا تہ فرمايائون: هي ڇا آهي؟ ڪنهن جي طرفان آهن؟ عَرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْہ اوهان جي خدمت ۾ تحفو پيش ڪيو آهي.

راوِي چئي ٿو: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي ڳالهہ ٻُڌي تہ مون پاڻ ڏٺو تہ، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُعا جي لاءِ هٿ ڪنيا ۽ ايترا بلند ڪيا جو سَر مبارڪ ڪان مٿي ٿي ويا، پوءِ **پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْہ جي لاءِ اهڙي دُعا فرمائي جو ڪين ڪي اهڙي دُعا ڪڏهن ڪنهن جي لاءِ نہ ڪندي ڏٺو هو.**[1]

هڪ روايت ۾ آهي: رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا گهري: **اي الله پاڪ! مان عثمان سان راضي آهيان تون بہ عثمان سان راضي ٿي وڃ.**[2]

حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّي اللہ عَلَيہ وَسَلَّم کي ڏٺو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي رات حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْہ جي لاءِ هي دُعا گهرندا رهيا: **اي الله پاڪ! مان عثمان سان راضي ٿيس تون بہ هن ڪا راضي ٿي وڃ.**[3]

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا

---

[1]…الرياض النضرة، الجزء الثالث ، بدعاء من رسول اللہ ، صفحہ:25۔

[2]…فضائل الصحابة احمد بن حنبل، جز:1، صفحہ:484، حديث:784۔

[3]…تاريخ دمشق، جلد:39، صفحہ:54۔

گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا[1]

## رِضاءِ مصطفيٰ ملڻ وڏي فضيلت آهي

اي عاشقانِ رسول! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خوش نصيبي ڏسو! رشڪ لائق ڳالھ آهي، پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **سڄي رات پاڻ جي لاءِ** دُعا فرمائي: **ياالله! مان عثمان سان راضي آهيان، تون بہ هن کان راضي ٿي وڃ.** الله اڪبر! جنهن سان محبوبِ خدا، ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي وڃن، ان کي ڀيو ڇا گهرجي...!!

خدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالم خدا چاہتا ہے رضائے مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ [2]

ياد رکو! محبوبِ خُدا، سرورِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رِضا ملڻ ڪا عام ڳالھ نہ آهي، تمام وڏي فضيلت آهي. امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: آخرت ۾ الله پاڪ جي طرفان جنّت وارن کي جيڪو سڀ کان وڏو انعام ملندو، اهو **الله پاڪ جي رضا** آهي.

هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ الله پاڪ جي رضا ڪيئن ملندي آهي؟ سيدي اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

بَہم عَہد باندھے ہیں وَصل اَبَد کا رضائے خُدا اور رضائے محمد[3]

يعني هڪ آهي الله پاڪ جي رِضا، هڪ آهي محبوبِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رضا، هنن ٻنهي (يعني رضاءِ خُدا ۽ رضاءِ مصطفيٰ) پاڻ ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ هي پڪو واعدو

---

[1]...ذوق نعت ، صفحہ:80۔

[2]...حدائق بخشش، صفحہ:65۔

[3]...حدائق بخشش، صفحہ:65۔

ڪيو آهي تہ ٻئي گڏجي ئي رهنديون، يعني جنهن ڪي الله پاڪ جي رضا گهرجي، هو محبوبِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪي راضي ڪري وٺي، جنهن سان محبوبِ خُدا، محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي ويا، رب پاڪ بہ ان کان راضي ٿي ويندو.

معلوم ٿيو جنهن سان الله پاڪ جا محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي وڃن، اهو آخرت جي سڀ کان وڏي انعام يعني الله پاڪ جي رضا جو حقدار ٿي ويندو آهي ۽ الله پاڪ جي فضل سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اهي وڏي رُتبي وارا صحابي آهن جو رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سڄي رات سندن لاءِ دُعا فرمائي: ياالله پاڪ! مان عثمان سان راضي آهيان، تون بہ هن کان راضي ٿي وڃ.

هاڻي ٿورو اندازو لڳايو! هي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي ڪيتري وڏي فضيلت آهي.

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا
گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا | اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا[1]

## رِضاءِ مصطفيٰ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! اسان ڪي بہ گهرجي! اسان بہ محبوبِ خُدا، سردارِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪي راضِي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۞ نيڪ ڪم ڪريون ۞ گُناهن کان بچون ۞ درودِ پاڪ پڙهون ۞ ذِڪرُ الله ڪريون ۞ قرآنِ ڪريم جي ڪثرت سان تلاوت ڪريون ۞ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڏُکويل اُمّت جو غم پري ڪريون ۞ عاشقانِ رسول سان همدردي ڪريون ۞ ٻين

[1]...ذوق نعت ، صفحہ:80۔

جي ڪم اچون، ايئن ڪنداسين ته اِن شَآءَ الله الڪرِيم! الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان راضي ٿي ويندا، جيڪڏهن رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راضي ٿي ويا ته اِن شَآءَ الله الڪرِيم! الله پاڪ به راضي ٿي ويندو.

کام وہ لے لیجئے! تم کو جو راضی کرے | ٹھیک ہو نامِ رضا تم پہ کروروں درود[1]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پنجين خصوصيت: بيعتِ رضوان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي خصوصيتن مان پنجين اهم ترين خصوصيت هي آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيعتِ رِضوان جي موقعي تي پنهنجي هٿ کي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جو هٿ فرمايو.

هجرت جي ڇهين سال صلح حديبيه جو موقعو هو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه کي سَفِير بڻائي مڪي شريف روانو فرمايو.

ان وقت تائين مڪ مڪرمه فتح ڪونه ٿيو هو، مڪي پاڪ تي ڪافِرن جو قبضو هو، ان ڪري مڪي وارن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه کي روڪي ورتو. هوڏانهن هڪ ڪوڙي خبر پکڙجي وئي ته ڪافِرن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي.

غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي جيتوڻيڪ خبر هئي ته هي يه خبر ڪوڙي آهي، البت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان

---

[1]...حدائق بخشش، صفحه:271۔

سان هن ڳالهہ تي بيعت ورتي تہ جيڪڏهن واقعي عثمان شهيد ٿي چڪا آهن تہ اسان هن جو بدلو ضرور وٺنداسين.

هن بيعت جو ذِڪرِ قرآنِ ڪريم ۾ هيئن ڪيو ويو آهي:

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُبَايِعُوۡنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوۡنَ اللّٰهَ ؕ يَدُ اللّٰهِ فَوۡقَ اَيۡدِيۡهِمۡ ۚ فَمَنۡ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنۡكُثُ عَلٰى نَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ اَوۡفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيۡهُ اللّٰهَ فَسَيُؤۡتِيۡهِ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿۱۰﴾

(پاره:26،سورۂ فتح:10)

ترجَموڪنزُالعرفان: بيشڪ جيڪي ماڻهو توهان جي بيعت ڪن ٿا اهي تہ الله سان ئي بيعت ڪن ٿا، انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي پوءِ جنهن عهد ٽوڙيو تہ اهو پنهنجي جي خلاف ئي عهد ٽوڙي ٿو ۽ جنهن الله سان ڪيل واعدي کي پورو ڪيو تہ تمام جلد الله ان کي عظيم ثواب ڏيندو.

## دستِ حبيبِ خُدا، سندن هٿ بڻيو

روايتن ۾ اچي ٿو: هن بيعت جي صُورت هي هئي تہ الله پاڪ جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو سڄو هٿ مبارڪ وڌايو، سيني صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سندن مبارڪ هٿ تي پنهنجا هٿ رکيا، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دِل جي پاسي وارو هٿ سيني کان مٿي رکي فرمايائون: هي عثمان جو هٿ آهي.[1]

دستِ شہ دوسرا جو کہ یدُ اللہ تھا　دَست بنا آپ کا، آپ وہ ذیشان ہیں

[1]…بخاري ، باب مناقب عثمان بن عفان، صفحہ:937، حديث:3698۔

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! بيعتِ رضوان جي موقعي تي جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ مڪ مڪرمہ ويل هئا، ان وقت جا ڪجهہ ايمان افروز معاملا ٿيا. اچو! انهن مان 2 روايتون ٻڌون ٿا:

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ سُنّتِ مصطفيٰ سان محبت!

سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي سفير بڻائي مڪ مڪرمہ موڪليو، پاڻ مڪي پاڪ پهتا، سندن سوٽ ابان بن سعيد جيڪو مسلمان نہ هو، اهو مڪي پاڪ ئي ۾ رهندو هو، حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سڀ کان پهريان پنهنجي سوٽ ابان بن سعيد سان مليا.

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سُنّتن جا عامِل هئا، تنهنڪري پاڻ سُنّت جي پيروي ۾ پنهنجو تهبند مبارڪ پيڏين کان مٿي رکيو هو، جڏهن تہ ڪافر هن کي بُرو سمجهندا هئا، ڪافر تڪبر ۽ فخريہ طَور تي تهبند پيڏين کان هيٺ رکندا هئا. حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سوٽ ابان بن سعيد جڏهن سندن تهبند مبارڪ پيڏين کان مٿي ڏٺو تہ طنز (ننول) ڪندي چيائين: ڇا ڳالهہ آهي، مان توهان کي ڪمزور حالت ۾ ڏسي رهيو آهيان، توهان جو تهبند پيڏين کان مٿي آهي؟ مطلب هي هو تہ اي عثمان! توهان امير ماڻهو هئا، توهان جو هڪ نالو هو، توهان هي ڪهڙي حالت ناهي رکي آهي؟ توهان سفير بڻجي آيا آهيو توهان کي گهرجي ها ٺورو سنورجي سينگارجي اچو ها، پر توهان جي حالت نهايت ڪمزور لڳي رهي آهي، توهان جو تهبند پيڏين کان مٿي آهي.

ان تي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تمام پيارو جواب ڏنائون، دل جي ڪنن کان ٻڌو! پاڻ فرمايائون: اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني مصطفيٰ

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو تهبند شريف ايئن (يعني پيڊين کان متي ئي) هوندو آهي.[1]

يعني مکي وارا مون کي ڇا چوندا، انهن جي نگاهن ۾ منهنجو کهڙو تاثر ويهندو، ان جي مون کي کا پرواهه ناهي، منهنجو آئيڊيل (Ideal) منهنجو محبوب آهي، مان سندن ادائن کي ادا ڪرڻ ئي ۾ فخر سمجهان ٿو.[2]

سُبْحٰنَ اللہ! اي عاشقانِ رسول! ڪيتري خوبصورت ڳالهه آهي! سُنّتِ مصطفيٰ اسان جي لاءِ مِعيار آهي، اللّٰه پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِىۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ (پاره:21،سورهٔ احزاب:21) | ترجَمو کنزُ العرفان: بيشڪ توهان جي لاءِ اللّٰه جي رسول ۾ بهترين نمونو موجود آهي |

معلوم ٿيو: سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زِندگي اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهي ۞ اسان کي ان جي پيروي ڪرڻي آهي، زمانو ڪيئن هلي رهيو آهي؟ حالات ڪيئن آهن؟ اسان کي هي ناهي ڏسڻو، اسان کي هي ڏسڻو آهي ته اسان جي محبوب آقا، سرورِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تعليم ڇا آهي ۞ ڪپڙا خريدڻا آهن ته هي نه ڏسون ته فيشن ڪهڙو هلي رهيو آهي، هي ڏسون! اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو لباس مبارڪ ڪهڙو هوندو هو ۞ وار ناهرائڻا آهن ته هي نه ڏسو ته اڄڪلهه ٽرينڊ (Trend) ڪهڙو هلي رهيو آهي، هي ڏسون ته اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا وار مبارڪ ڪهڙا هئا، مطلب اٿڻ ۾، ويهڻ ۾، هلڻ ۾، سمهڻ ۾، جاڳڻ ۾، اچڻ ۾، وڃڻ ۾، هر هر معاملي ۾ اسان کي فيشن ناهي ڏسڻو، زماني جا حالات ناهن ڏسڻا، بلڪ اسان کي هڪ ئي ڳالهه ڏسڻي آهي، اها هي ته اسان جي محبوب آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ

[1]...الرياض النضرة، الجزء الثالث ، صفحه:22خلاصةً۔

[2]...الرياض النضرة، الجزء الثالث ، صفحه:22خلاصةً۔

والِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ادا ڪهڙي آهي. ڪاش...! اسان کي بہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جهڙو عشقِ رسول نصيب ٿي وڃي، اسان کي بہ اهڙي خوبصورت سوچ ملي وڃي ۽ اسان بہ سُنّتِ مصطفيٰ جي هلندڙ ڦرندڙ تَصوِير بڻجي وڃون.

*فنا اتنا تو ہو جاؤں میں تیری ذات عالی میں جو مجھ کو دیکھ لے اس کو ترا دیدار ہو جائے*[1]

## آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ کان پھريان طواف نہ ڪيائون

اي عاشقانِ رسول! هن موقعي تي هڪ ٻيو وڏو ايمان افروز معاملو پيش آيو، ٿيو ايئن جو جڏهن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ مڪي پاڪ ۾ هئا، سندن سوٽ اَبان بن سعيد کين چيو: ياابنِ عَمِّ طُف! اي سوٽ! طواف ڪري وٺو...!! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: اي ابان بن سعيد! اسان جا هڪ رسول آهن، هڪ محبوب آهن، اسان کو بہ کم پنهنجي مرضي سان ناهيون ڪندا، سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ اڳ ۾ ڪندا آهن ، اسان جيڪو بہ ڪندا آهيون ، سندن پيروي ئي ۾ ڪندا آهيون.[2]

## رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ کان اڳيان وڌڻ منع آهي

سُبحٰنَ اللّٰه! اللّٰه پاڪ اسان کي بہ اهڙو عشقِ رسول، اهڙي ڪمال محبّت نصيب فرمائي، ڪاش! اسان بہ پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي پيروي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. آه! اڄڪلهہ ماڻهو عقل جا گهوڙا ڊوڙائن ٿا، قرآن و حديث جي تعليمات کي عقل جي ترازو تي ماپن ٿا، فيشن پرستي ۾ اهڙا ڦاٿل آهن جو سُنّتِ مصطفيٰ کي اپنائڻ تہ رهيو پري،سُنّتن جي معلومات بہ حاصِل نٿا ڪن. ڪاش! اسان سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جا سچّا

---

[1]...فيضان صديق اکبر، صفحہ:239۔

[2]...الرياض النضرة، ذكر اختصاصه، الجز الثالث، صفحہ:22۔

پيروڪار بڻجي وڃون. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ۝۱ (پاره26،سورۂ حجرات:1)

ترجموڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول ڪان اڳتي نہ وڌو ۽ الله ڪان ڊڄو بيشڪ الله ٻڌڻ، ڄاڻڻ وارو آهي.

حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا ڪان روايت آهي: ڪي ماڻهو رمضان المبارڪ کان هڪ ڏينهن پهريان ئي روزو رکڻ شروع ڪندا هئا، انهن جي باري ۾ هي آيتِ سڳوري نازِل ٿي ۽ حڪم ڏنو ويو: پنهنجي نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان اڳيان نہ وڌو![1]

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: آيت سڳوري ۾ ڏنل حڪم سيني جي لاءِ عام آهي، يعني ڪنهن ڳالهہ ۾، ڪنهن ڪم ۾ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان اڳيان وڌڻ منع آهي، جيڪڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏجي رستي ۾ وڃي رهيا هجو تہ بنا اِجازت اڳتي اڳيان هلڻ منع آهي، جيڪڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ ماني کائڻ جو شرف ملي تہ پهريان شروع ڪرڻ ناجائز آهي، اهڙي طرح پنهنجي عقل ۽ پنهنجي راءِ کي حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي راءِ کان مُقَدَّم ڪرڻ حرام آهي.[2]

## عثمان هرگز طواف نہ ڪندو

سُبۡحٰنَ الله! هڪ پاسي مڪي پاڪ ۾ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جو پنهنجي سوٽ سان هي گفتگو ٿي رهي هئي، ٻئي پاسي پياري آقا، مڪي مدني

[1]...خازن، پاره:26، سورۂ حجرات، تحت الآية:1، جلد:4، صفحہ:175۔
[2]... شانِ حبيب الرحمن، صفحہ:224۔

مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ حاضر صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا تہ ابوعبد الله (يعني عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه) ڪيترا خوش قسمت آهن، هو طوافِ ڪعبہ جي سَعَادت حاصِل ڪري رهيا هوندا.

صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جڏهن اها ڳالهہ ڪئي تہ سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ايئن نہ آهي، عثمان جيڪڏهن سالن جا سال بہ مڪي پاڪ ۾ رهن، هو هر گز مون کان پهريان طواف نہ ڪندا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! اي عاشقانِ رسول! ڪيتري نرالي محبّت آهي، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه مڪہ مڪرمہ ۾ آهن، پاڻ کي چيو وڃي ٿو: طواف ڪريو! پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه چون ٿا: پنهنجي محبوب آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پهريان هر گز طواف نہ ڪندس.

هوڏانهن محبوبِ خُدا، سرورِ انبيا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي پياري صحابي جي محبّت تي ڀروسو ڪيترو آهي...!! پاڻ فرمائن ٿا: عثمان چاهي سالن جا سال بہ اتي رهن، تڏهن بہ هو منهنجي بغير طواف نہ ڪندا. سُبْحٰنَ اللّٰه!

الله پاڪ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه تي ڪروڙين رحمتن جو نزول فرمائي، سندن جي صدقي اسان کي بہ ڪمال عشقِ رسول، سُنّت سان محبت، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪمالِ اطاعت جو جذبو نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، سُنّت سان محبت ڪرڻ ۽ اطاعتِ

[1]...الرياض النضرة، جزء الثالث ،ذكر شہادة النبی، صفحہ:22۔

مصطفيٰ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ به خوب اڳتي وڌي حصو وٺو! ان شَآءَ الله الڪرِيم! دِين ۽ دُنيا جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حَلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني مذاڪرو به آهي.

الحمد لله! شيخ طريقت، رهبرِ شريعت، امير اهلسنت، **حضرت علامہ مولانا، ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه هر ڇنڇر ۽ آچر جي وچين رات مدني چينل تي براه راست (Live) مدني مذاڪرو ڪندا آهن ، جنهن ۾ سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول ديني ۽ دنياوي مشڪلات جي حل جي لاءِ سندن بارگاه ۾ سوال ڪن ٿا ۽ پاڻ ان جا عِلم ۽ حڪمت سان ڀرپور جواب ڏين ٿا. اوهان به هر هفتي مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي عادت بڻايو! ان شَآءَ الله الڪرِيم! پاڻ ئي هن جون برڪتون ڏسي وٺندؤ.

## روزانو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي برڪت

حيدر آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو مريد ته نهڻ ئي ڪان هئس پر شيطان مون کي دُنيا ۾ ڦاسائي رکيو هو، منهنجي قيمتي زندگي غفلت ۾ گذري رهي هئي، خوش قسمتي سان هڪ ڏينهن هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي سان ملاقات ٿي، ان ٻڌايو: جيڪو اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا بيان ٻڌي ٿو، پاڻ ان کان خوش ٿين ٿا. اسلامي ڀاءُ جو هي جملو منهنجي دِل کي وڻيو ۽ دِل ۾ مرشِدِ جي محبت جاڳي پئي، مون مڪتبة المدينہ تان 50 مدني مذاڪرن تي مشتمل V.C.D خريدي ۽ رَوزانو هڪ مدني مذاڪرو ٻڌڻ لڳس. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي تاثير ڀري گفتگو جي برڪت سان گُناهن سان نفرت ٿيڻ لڳي ۽ نيڪين جي محبت دِل ۾ وڌڻ شروع ٿي، اڃا

ڪجھ ئي مدني مذاڪرا ٻڌا هئا تہ منهنجي حليي، منهنجي ڪردار ۽ زندگي جي طور طريقن ۾ تبديلي اچڻ لڳي، مون کي سنتن تي عمل جو جذبو مليو ۽ الحمد لله! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنتن کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ بہ دلچسپي وٺڻ لڳس. الحمد لله! مدني مذاڪري جي ذريعي منهنجي اهڙي تربيت ٿي جو 26 سالن جي زندگي ۾ ڪڏهن نہ ٿي هئي.[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمنٽ ماهوار فيضان مدينہ موبائل ايپلي ڪيشن متعارف ڪرائي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ هي بهترين آپشنز موجود آهن: ۞ اڳوڻا تمام ماهنامہ فيضانِ مدينہ جي PDF ۞ تمام ماهوارن جا مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن ۞ جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ۞ سرچ آپشن جنهن ۾ تمام ماهوارن ۾ سرچ ڪري ڪا بہ شيءِ تلاش ڪري سگهجي ٿي ۞ تمام مضمونن جي موضوع جي لحاظ کان ترتيب. اسمارٽ فون استعمال ڪرڻ وارا صارفين پلي اسٽوور تان هن ايپلي ڪيشن کي ڊاؤن لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو کڻن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ترغيب ڏيارين.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽

---

[1]...اجنبی کا تحفہ، صفحہ:28، خُلاصۃً.

آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## شڪر ڪرڻ سُنّت آهي

2فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): الله ڪريم کي اها ڳالهه پسند آهي ته ٻانهو هر گرهه ۽ هر ڍُڪ تي الله ڪريم جو شڪر ادا ڪري.[2] (2): پنهنجون زبانون ذڪر سان ۽ دل شُڪر سان تر رکو!.[3]

اي عاشقانِ رسول! شُڪر ڪرڻ سُنّت آهي ۞ الله جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان شڪر ڪندا هئا ۞ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ناشڪري نه ڪئي ۞ شڪر اعليٰ عبادت آهي ۞ شڪر ڪرڻ سان نعمت ۾ اضافو ٿيندو آهي ۞ ٻانهي کي نعمت ملي، ٻانهو شڪر ڪري، ان جي برڪت سان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ٻانهو عذاب کان محفوظ رهندو.[4]

شڪر ڪرڻ جو طريقو: ۞ حضرت ابو بڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت کي ڏسڻ بدران، نعمت ڏيڻ واري تي نظر رکڻ شڪر آهي.[5] مثلاً اوهان کي سيلري ملي، هي به نعمت آهي، امتحان ۾ پاس ٿيا، پٽ يا ڌيءَ جي ولادت ٿي، نماز جي

[1]... مشڪوٰة،ڪتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
[2]... مُسْلِم، ڪتابُ الذِّڪْر و الدُّعَا، صَفحه:1122، حديث:6932۔
[3]... شُعَبُ الْاِيْمَان، باب: محبۃ الله، جلد:1، صفحه:419، حديث:590، ملتقطاً۔
[4]... صِرَاطُ الجنان، جلد:4، صفحه:406، خُلاصةً۔
[5]... اِحْيَاءُ العلوم، ڪتابُ الصَّبْرِ والشڪر، جلد:4، صفحه:103، خلاصةً۔

توفيق ملي، روزو رکڻ جي سعادت ملي، صدقو ڏنو وغيره کا بہ نعمت ملي تہ هاڻي ان نعمت تي نگاهہ نہ رکجي بلڪ سوچي: الله هي نعمت عطا ڪئي، نعمت جي نسبت پنهنجي طرف نہ ڪريو، الله پاڪ جي طرف ڪريو ۞ امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: نعمت سان نيڪي جو ارادو ڪرڻ **دِل جو شڪر** آهي. زبان سان الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء ڪرڻ **زبان جو شڪر** آهي. الله ڪريم جي ڏنل نعمت کي عِبَادت ۾ خرچ ڪرڻ، ان کي گُنَاهہ ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ **باقِي اعضاء** جو شڪر آهي.[1]

الفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر پڻ آهي.

الفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاہ خَاتَمِ النَّبِیِّن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... اِحْیَاءُ العلوم، کتابُ الصَّبْر والشکر، جلد:4، صفحہ:103، خلاصۃً۔